SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XII، 1970
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آرڊيننس، 1970
فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، شروعات ۽ نفاذ (Application)
2. اوصاف (Definitions)
3. قيام ۽ شموليت (Establishment and in Corporation)
4. بورڊ جي جوڙجڪ (Constitution of Board)
5. چيئرمين ۽ رڪنن (Members) جي نااهلي، هٽائڻ ۽ استعيفيٰ
6. بورڊ جون گڏجاڻيون (Meetings of the Board)
7. ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)
8. ضابطو رکندڙ اختياري جا اختيارات (Powers of Controlling Authority)
9. مشاورتي جماعت (Advisory Council)
10. بورڊ جا اختيارات ۽ ذميواريون (Powers and duties of the Board)
11. ٽيڪسٽ بوڪ (Text Books)
12. جماعتون (Committees)
13. عملدار ۽ ملازم (Officers and Servants)
14. عملدارن ۽ ملازمن جا اختيارات ۽ ذميواريون (Duties)
15. پراويڊنٽ فنڊ يا پينشن (Provident Fund or Pension)
16. چيئرمين کي اختيارات جو مجاز ٻڌائڻ (Delegation)، وغيره.
17. بورڊ ۽ ان جي ملازمن جي استثنيٰ (Immunity)
18. بورڊ هڪ مقامي اختياري هئڻ (Local Authority)
19. بجيٽ جا کاٽا (Budget Estimates)
20. حساب ڪتاب رکڻ (Maintenance of Accounts)
21. سالياني خبر چار (Reports) ۽ حاصلات (Returns) پيش ڪرڻ
22. جاچ پڙتال (Audit)
23. تصديق (Validation)
24. ڪار گذاري (Acts) ۽ حڪمن (Orders) جو تحفظ (Protection)
25. قاعدا (Rules)
26. ضابطا جوڙڻ لاءِ بورڊ جا اختيارات (Powers of Board to make Regulations)
27. منسوخي (Repeal)

[26 هين نومبر، 1970]

هڪ آرڊيننس، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي قيام جي فراهمي لاءِ

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسٽ بوڪن (Text Books)، رهنما ڪتابن (Guide-Books) استادن ۽ شاگردن کي گهربل ٻئي پڙهائي جي سامان (Reading Material) جي پيداوار (Production) ۽ ڇپائي (Publication) لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو قيام ضروري ٿي پيو آهي:

هاڻي، ان ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، ساڻ عارضي آئيني حڪم نامو (PCO) ۽ ان موجب حاصل سمورن اختيارات مطابق سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس تيار ڪري، جاري (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات (Short title and commencement)

1. (1) هي آرڊيننس سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

(2) اهو سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3) اهو فوري طور تي نافذالعمل (Come into force) ٿي ويندو.

وصفون (Definitions)

2. هر آرڊيننس ۾ ڏنل مفهوم (Context) جي جيستائين ٻي معنيٰ ضروري نہ هجي، تيستائين هيٺ ڏنل اصطلاحن (Expressions) جي معنيٰ، هيٺ ڏنل ترتيب موجب، جيئن لکيل آهي، سمجهي وڃي، جيئن تہ،

(a) "صلاحڪاري ڪائونسل (Advisory Council)" مطلب دفع-9 (Section-9) تحت جوڙيل صلاحڪاري ڪائونسل.

(b) "بورڊ (Board)" مطلب دفع_3 (Section_3) تحت جوڙيل سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ.

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو سربراهہ.

(d) "ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)" مطلب بورڊ جي ضابطو رکندڙ اختياري،

(e) "جماعت (Committee)" مطلب بورڊ جي جماعت،

(f) "رکن (Member)" مطلب بورڊ جو رکن،

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(h) "ادارو Institute" مطلب هڪ انٽرميڊيئيٽ ڪاليج (Intermediate College) سڪول (School) يا هڪ پولي ٽيڪنيڪ (Polytechnic)، ووڪيشنل (Vocational) يا ڪمرشل (Commercial) ادارو.

(i) "انٽرميڊيئيٽ ڪاليج Intermediate College" ڪ ادارو جيڪو يارهين ۽ بارهين درجي سان گڏ نائين ۽ ڏهين درجي کي تعليم ڏيڻ لاءِ مجيل (Recognized) ادارو هجي.

(j) "واضح ڪيل (Prescribed)" مطلب هن آرڊيننس جي قاعدن يا ضابطن موجب واضح ڪيل.

(k) "قاعدا (Rules)" ۽ "ضابطا (Regulations)" مطلب هن آرڊيننس جا ترتيبوار قاعدا ۽ ضابطا جوڙيل

(l) "اسڪول" مطلب اهڙو ادارو جيڪو سمورن يا پهرين کان ڏهين درجي تائين تعليم ڏيندڙ هجي، ان ۾ انگريزي ٻولي (English Medium) اسڪول، معذور ٻارڙن لاءِ (Handicapped) ۽ اهو ڪو ٻيو ادارو جنهن کي حڪومت هن آرڊيننس تحت ڏنل مقصدن لاءِ تعليم ڏيڻ جو اعلان ڪري اچي وڃي ٿو.

قيام ۽ شموليت (Establishment and incorporation)

3. (1) هن آرڊيننس جي رائج ٿيڻ شرط ئي، جيترو جلد ٿي سگهي هڪ بورڊ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نالي سان تشڪيل ڏنو ويندو، جنهن جو مقصد هن آرڊيننس جا مقاصد حاصل ڪرڻ هوندو.

(2) بورڊ هڪ متحده تنظيم جماعت هوندو، جنهن کي ملڪيت رکڻ، منتقل ڪرڻ، حاصل ڪرڻ جا اختيارات هوندا. بورڊ کي مستقل وراثت (Perpetual Succession) ۽ عام مهر (Common Seal) ڏيندي ۽ بورڊ باڊي ڪارپوريٽ (Body Corporate) جي ۾ ڪو به ڪيس ڪري يا به ڪيس داخل ٿي سگهندو.

بورڈ جي جوڑجڪ (Constitution of Board)

4. (1) بورڊ هڪ چيئرمين ۽ 4 ميمبرن کان گهٽ ۽ 6 کان وڌيڪ ميمبرن تي مشتمل نه هوندو، جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيل هوندا، ۽ انهن مان گهٽ ۾ گهٽ 3 ميمبر غيرسرڪاري (Non-Officials) هوندا.

(2) چيئرمين ۽ ٻيا سمورا ميمبر حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) چيئرمين بورڊ جو مک سربراهه (Chief Executive) هوندو.

(4) دفعه 5 (Section-5) جي ضابطه قانون (Provision) سان مشروط، چيئرمين ۽ ٻيا ميمبر - - - -

(الف) آفيس 3 سالن جي لاءِ رکندا، ۽ هڪ ٻئي مدي (Term) لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندا، ۽

(ب) پگهار ۽ الائونسز اهڙا ڪٽندا، جيڪي حڪومت طرفان طئي (Determine) ڪيا ويندا.

(5) چيئرمين يا ميمبر طور مقرر ڪيل شخص کي ڪنهن ڪارپوريشن، ڪمپني يا بورڊ سان وهنوار رکندڙ يا لاڳاپيل اداري سان ڪو به هدايتڪاراٽو (Directorship) يا ٻين مفادن (Other Interests) کان پاڻ کي الڳ ڪرڻو پوندو.

چيئرمين ۽ ميمبرز جي هلي، برطرفي ۽ استعيفيٰ (Disqualification, Removal and Resignation of the Chairman and Members)

5. (1) حڪومت، لکت ۾ حڪم (Order) ذريعي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهندي، ڪڏهن - - -

(الف) حڪومت جي راءِ (Opinion) ۾ هن آرڊيننس جي تحت ذميواريون پوريون نٿو ڪري، يا ڇيو مڇ کان انڪاري آهي، يا پنهنجون ذميواريون نباهڻ جي لائق ناهي، يا

(ب) حڪومت جي نظر ۾، چيئرمين يا ميمبر طور پنهنجي پوزيشن جو غلط استعمال ڪري ٿو، يا

(ج) بورڊ جي ڪاروهنوار (Operation) جي نتيجي طور، سڌي يا اڻ سڌي ريت، يا ڪنهن پائيوار يا ڪو مفاد ڪنهن به ٺيڪي (Contract) ۾ يا نوڪري سان يا بورڊ جي طرفان يا ڪنهن زمين يا ملڪيت جيڪا سندس جاڻ موجب ڪيس ڪو فائدو ڏيندي يا ڪو فائدو ڏئي چڪي آهي، جاڻي واڻي حاصل ڪئي اٿئين، يا پاڻ وٺ رکي ٿو، يا

(د) اخلاقي بيهودگي (Moral Turpitude) جي سزا هيٺ آيل هجي، يا ڏيوالو نڪتل هجيس، يا ذهني

توازن وڃائي وينو هجي، يا دماغي مريض ٿي ويو هجي، يا برطرف ٿي چڪو هجي، يا حڪومت طرفان سروس لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو هجي.

(2) ميمبر ڪنهن بہ وقت پنهنجي آفيس ڪومت کي لکت ۾ استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

بورڊ جون گڏجاٽيون (Meetings of the Board)

6. (1) بورڊ واضح (Prescribed) وجب ڪنهن بہ وقت ۾ هنڌ تي گڏجاٽي ڪري سگهندو.

(2) چيئرمين بورڊ جي گڏجاٽي جي صدارت ڪندو ۽ چيئرمين جي غير موجودگي جي صورت ۾، گڏجاٽي ۾ موجود ميمبر پاڻ منجهان کو چيئرمين جي چونڊ (Choose) ڪندا.

(3) ي گڏجاٽي دوران ڪورم پورو ڪرڻ لاءِ ڪل ميمبرن جو 50 سيڪڙو موجود هجڻ گهرجي.

(4) هر هڪ ميمبر، چيئرمين سميت، کي هڪ ووٽ هوندو، پر هڪ جيترا ووٽ هٿ جي صورت ۾، چيئرمين وٽ هڪ ٻيو ووٽ (Casting Vote) هوندو.

(5) ردِ جي هر گڏجاٽي جي ڪارروائي (Minutes of Meeting) ٻين شين کانسواءِ حاضر ميمبرن جا نالا مقرر رجسٽر (Book) ۾ لکيا ويندا (Drawn) 7 ٻارڊ طور رکيا ويندا ۽ گڏجاٽي جي صدارت ڪندڙ ميمبر طرفان ان تي صحيح ڪئي ويندي ۽ اهڙو ڪتاب/رجسٽر ميمبرن جي لاءِ جاچ پڙتال (Inspection) لاءِ کليل رهندو.

ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)

7. حڪومت سنڌ، تعليم کاتي جو سيڪريٽري، بورڊ جي ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) هوندو.

ضابطو رکندر اختياري جا اختيارات (Powers of the Controlling Authority)

8. (1) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) کي اختيار هوندو تہ اها ڪنهن شخص يا اشخاص کان جاچ ڪرائي سگهي يا انهن کي هدايت ڪري سگهي، آفيسن جي، سرگرمين ۽ بورڊ جي فنڊز جي، ۽ پڻ بورڊ سان لاڳاپيل ڪنهن بہ مسئلي بابت پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي.

(2) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) بورڊ کي اهڙي جاچ يا پڇا ڳاڇا جي نتيجي (Result) بابت ٻڌائيندي، ۽ بورڊ کي مقرر عرصي دوران قدم کڻڻ جو مشورو ڏئي سگهي ٿي.

(3) ڙي مشوري بعد تجويز ڪيل قدم (Prescribed Action) يا ڪنيل قدمن (Actions) بابت ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) ي رپورٽ (Report) ڏيندو.

(4) جتي بورڊ مناسب عرصي (Reasonable Time) دوران ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) کي مطمئن ڪرڻ جا اپاءَ نہ ورتا هوندا، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)، بورڊ طرفان مليل وضاحت (Explanation) غور ڪرڻ (Consideration) بعد، چيئرمين کي اهڙيون هدايتون جاري ڪندو، جيڪي هو مناسب سمجهندو، ۽ چيئرمين اهڙين هدايتن جي تعميل (Comply) ڪندو.

(5) جيڪڏهن ضابطو رکندڙ اختياري مطمئن ٿئي ٿي تہ بورڊ جي ڪا بہ ڪارروائي يا مشورتي ڪائونسل (Advisory Council) ڪا جماعت (Committee) هن آرڊيننس، يا ڪن قاعدن ۽ ضابطن جيڪي ان تحت جوڙيا ويا آهن مطابق نہ آهي تہ، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling

(Authority) غير جانبداري ۽ بنا تعصب جي هن سيڪشن ۾ ڏنل شقن تحت، لکت ۾ حڪم ڏئي، اهڙي ڪارروائي لکت ۾ ڪالعدم (Quash) ڪري سگهي ٿي:

[اهڙو ڪو حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ آگاهه ڪيو ويجي، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) چيئرمين ذريعي، بورڊ، مشاورتي ڪائونسل، يا لاڳاپيل ڪميٽي کان جواب/سبب طلب ڪري سگهي ٿي، جيئن ڪيس جي صورتحال هجي، ته چو نه اهڙو حڪم (Order) جاري ٿيڻ گهرجي.]

مشاورتي جماعت (Advisory Council)

9. (1) بورڊ ڪي هڪ مشاورتي جماعت (Advisory Council) هوندي، جيڪا هيٺين ارڪان (Members) تي مشتمل هوندي.

(a) چيئرمين

(b) سنڌ صوبي ۾ تعليم (Education) جا ڊائريڪٽرز

(c) فني تعليم (Technical Education) جو ڊائريڪٽر، سنڌ

(d) سنڌ صوبي ۾ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊز جو چيئرمين

(e) ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر (Vice-Chancellor) يا ان جو نامزد ٿيل

(f) سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر (Vice_Chancellor) يا ان جو نامزد ٿيل

(g) تعليم جي توسيع (Education Extension) ۽ خصوصي خدمتن (Specialized Service) جو ڊائريڪٽر

(h) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد ڪيل انٽرميڊيئيٽ ڪاليجز جا ۽ پرنسپل (Principals)

(i) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد ڪيل اسڪولز (Schools) يا ساڳئي قسم جي ادارن (Similar Institutes) جا ۽ سربراهه (Heads)

(2) مشاورتي جماعت (Advisory Council) طرفان نامزد ڪيل ارڪان (Members) پنهنجي مقرري واري ڏينهن کان هڪ سال تائين آفيس رکندا، ۽ اهڙي هڪ يا وڌيڪ مدن (Terms) لاءِ ٻيهر مقرري (Re_appointment) لاءِ اهل (Eligible) هوندا.

(3) مشاورتي جماعت (Advisory Council) جو ڪم (Function) بورڊ کي هن آرڊيننس تحت پنهنجي ڪارڪردگي سڌارڻ جي صلاح ڏيڻ (Advise) هوندو.

(4) مشاورتي جماعت (Advisory Council) جي گڏجاڻي (Meeting) ۾ ڪورم (Quorum) ڪل ارڪان (Total Members) جي پنجاهه سيڪڙو برابر هوندو.

(5) ڪومت مشاورتي جماعت (Advisory Council) طرفان واپار جي ڏي وٺ هلائڻ لاءِ (Regulating) قاعدا (Rules) جوڙي (Frame) سگهي ٿي.

(i) مشاورتي جماعت (Advisory Council) جي گڏجاڻي ڪوٺائڻ لاءِ هڪ اختياري

(Authority) جي مقرري (Appointment)

(ii) ري، جيڪو مشاورتي جماعت (Advisory Council) جي گڏجاڻين جي صدارت ڪري

(iii) اهڙو طريقو (Manner) ۽ اختياري (Authority) ربعي گڏجاڻين جي ڪارروائي رڪارڊ ڪئي وڃي. (Minutes of the Meeting shall be recorded)

(iv) ڪو ٻيو معاملو (Matter) جيڪو مشاورتي جماعت (Advisory Council) طرفان اپار جي ڏي وڻ (Transaction of Business) لاءِ ضروري سمجهيو وڃي. (Considered Necessary)

بورڊ جا اختيار ۽ ميواريون يون (Powers and duties of the Board)

10. (1) بورڊ هن آرڊيننس جا مقاصد (Purposes) پورا ڪرڻ لاءِ اهڙا اپاءَ (Measures) ۽ اهڙا اختيار استعال ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو ضروري يا فائديمند (Expedient) سمجهي.

(2) سان تعصب ڪانسواءِ، بورڊ هن آرڊيننس جا مقاصد (Purposes) ماڻڻ لاءِ هيٺيان قدم کڻي سگهي ٿو:

(الف) ڪي به ڪم ڪري سگهي ٿو(Undertake any works)

(ب) ڪي به خرچ پاڻ مٿان کڻي سگهي ٿو(Incur any Expenditure)

(ج) پنهنجي استعمال لاءِ ٻوٽا، مشينري ۽ سامان گهرائي (Procure) سگهي ٿو.

(د) ڪو سامان يا مشينري يا ڪو مفاد (Interest) خريد ڪري (Purchase)، ليز (Lease) تي وٺي، مٽا سٽا ڪري (Exchange) يا ڪنهن ٻئي طريقي (Otherwise) حاصل ڪري (Acquire) سگهي ٿو.

(هـ) اهڙن سمورن ٺيڪن (Contracts) ۾ مداخلت (enter into) ڪري سگهي ٿو جن ۾ ضروري (Necessary) يا فائديمند (Expedient) سمجهي.

(3) خاص طور تي (In particular)، بورڊ هيٺين سمورن يا انهن مان ڪجهه معاملن تي اسيڪمون (Schemes) تيار ڪري (Prepare) يا هلائي (Execute) سگهي ٿو يعني،

(a) بڪسٽ بوڪن جي پيداوار (Production) ڇپائي (Publication)، اضافي پڙهائي جو سامان (Supplementary reading material) ۽ تعليم جي سمورن طريقن (Types) درجن (Stages) ۽ استادن جي تربيتي ڪورسز لاءِ پڙهائي جون سهولتون (Teaching aids) تفصيل هيٺ ڏن ٿا،

(i) شروعاتي تعليم (Primary Education)

(ii) ثانوي تعليم (Secondary Education)

(iii) اعليٰ ثانوي تعليم (Intermediate Education)

(iv) طبعي تعليم (Physical Education) ۾ J.V، S.V، C.T ڊپلوما، ڪامرس ۾ ڊپلوما، آرٽس ۽ هنرن (Crafts) ۾ ڊپلوما، ۽ اهڙا ٻيا تربيتي ڪورسز جيڪي چيا ويا هجن. (As may be

prescribed)

(v) فني (Technical)، تربيتي (Vocational) معاشي (Commercial) ادارن جا ڪورسز

(vi) انگريزي تعليم جي ادارن (English Medium Institutions) جا ڪورسز

(vii) بي سهارا (Handicapped) ارڻن جي تعليم، ۾

(viii) تعليم بالغان (Adult Education)

(b) شق (Clause) (a) تحت تعليم جي قسمن ۾ درجن لاءِ ٽيڪسٽ بوڪن سان لاڳاپيل اضافي مواد جي فراهمي.

(c) بوڪن ۾ ڪتابن جي سيٽ (Curricula) بابت حوالي (Reference) ۾ جاچ پڙتال (Research) جي فراهمي (Production).

(d) سٽ بوڪن جي تياري (Preparation) پائي (Publication) لاءِ سهولتن (Specifications) جي فراهمي.

(e) سان لاڳاپيل منصوبو (Policy)----

(i) بورڊ طرفان ڇپيل (Printed) ۾ شايع ٿيل (Published) وڪن ۾ ٻئي مواد جي ورهاست (Distribution).

(ii) شاگردن کي صحيح وقت ۾ ٽيڪسٽ بوڪن ۾ مواد جي دستيابي کي يقيني بنائڻ لاءِ ايجنسين (Agencies) جي مقرري (Appointment).

(f) بالغان (Adults) ۾ ادب (Literature) جي تياري (Preparation) ڇپائي (Publication).

(g) تعليمي خيالن (Educational Concepts) ۾ پڙهائي جي طريقن ۾ هنرن (Teaching methods and techniques) ۾ پڙهائي جي مواد تي نون سڌارن جي تياري ۾ ڇپائي.

(h) ٽيڪسٽ بوڪن ۾ پڙهائي جي مواد جي اثرائتي استعمال بابت ورڪشاپس ۾ سيمينارز ۾ ڪورسز.

(i) ٽيڪسٽ بوڪن ۾ ٻئي پڙهائي جي مواد بابت فيلڊ ۾ ريسرچ جو بندوبست ڪرڻ.

(j) ٽيڪسٽ بوڪن ۾ پڙهائي جي مواد جون نمائشون (Exhibitions).

(k) لائبريري جي مرمت---

(i) حوالي جا ڪتاب (Reference Books)

(ii) ٽيڪسٽ بوڪ (Text Books)

(iii) نقشا، چارٽس، ڊائگرامز ۽ اهڙا ساڻگي قسم جا ٻيا دستاويز (Documents).

(iv) پاڪستان ۾ ٻين ملڪن ۾ تعليم بابت ڇپيل تعليمي جرنلز (Educational Journals) ۽ ادب (Literature).

(v) ڪتاب ۾ پڙهائي جو مواد، ٽيڪسٽ بوڪن کانسواءِ جيڪي بورڊ سمجهي تہ هن آرڊيننس جا

مقاصد ۾ مول متا (Objects) پورا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگھن ٿا.

(4) بورڊ طرفان گذريل ذيلي دفع (Sub_Section) تحت تيار ڪيل هر اسڪيم ضابطو رکندڙ ختياري (Controlling Authority) کي سمورن تفصيلن، ان جي مقصد ۾ مالي استعمال ۾ ان جي استعمال جي طريقي سميت فراهم ڪئي ويندي.

(5) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) وڌيڪ غور لاءِ ان جي ترجيحن سان گڏ اسڪيم منظور، نامنظور يا بورڊ جي حوالي (Remit) ڪري سگھي ٿي.

(6) بورڊ ڪنهن اسڪيم جي تياري يا عمل ۾ آڻڻ لاءِ (Execution) تعليم جي ڊائريڪٽرز، تعليم جي ثانوي ۾ اعليٰ ثانوي بورڊزيا ڪنهن بي اختياري يا اداري کان صلاح (Advise) ونڊي سگھي ٿو.

نصابي ڪتاب ڪتاب (Textbooks)

11. (1) اهڙو ڪتاب جيڪو بورڊ طرفان نصابي ڪتاب طور منظور ٿيل نه هجي، يا جيڪو بورڊ طرفان تيار يا شايع نه ڪيو ويو هجي، ڪنهن اداري ۾ نصابي ڪتاب طور نه پڙهايو ويندو.

آگاهه ڪيو وڃي تہ حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙي عمل جي صورت ۾ ڪنهن اداري يا اداري جي درجي کي هن دفع (Section) کي عمل ۾ آڻيندي (Operation) نع (Exempt) ڪري سگھي ٿي.

(2) جيڪڏهن ڪو ادارو ذيعي دفع (Sub-Section) (1 ۽ شقن (Provisions) جي ڀڃڪڙي (Contravenes) ڪري ٿو، اهو قانون تحت مقرر وقت لاءِ پنهنجي سڃاڻپ (Recognition) وڃائي/ضبط ڪرائي (Forfeit) سگھي ٿو.

(3) اهڙي سلسلي ۾ ڪنهن ڪتاب کي نصابي ڪتاب جو درجو ڏيارڻ لاءِ ذيعي دفع (Sub-Section (1) تحت بورڊ کي هڪ درخواست ڏني ويندي، ان سان گڏ اهڙي في به جمع ڪرائي ويندي، جيڪا قاعدن (Rules) ۾ ڄاڻايل (Prescribed) هجي.

جماعتون (Committees)

12. (1) بورڊ اهڙين جماعتن (Committees) تي مشتمل هوندو، جيڪي اهو ضروري (Necessary) سمجهندو.

(2) جماعتن (Committees) جي جوڙجڪ، ڪارروايون ۽ ذميواريون اهي هونديون، جيڪي ضابطن (Regulations) ۾ ڄاڻايل هونديون.

عملدار ۽ ملازم (Officers and Servants)

13. (1) بورڊ جا هيٺيان عملدار (Officers) هوندا:- - -

(الف) چيئرمين (Chairman)

(ب) سيڪريٽري (Secretary)

(ج) اهڙا ٻيا عملدار جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(2) بورڊ جو سيڪريٽري حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(3) بورڊ وقت بوقت اهڙن عملدارن ۽ ملازمن کي يا ماهرن (Experts) صلاحڪارن (Consultants) کي سموري وقت (Whole-Time) يا مختصر وقت (Part-Time) لاءِ قاعدن ۾

جاڻايل شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪري سگھندو، جيڪي اهو سمجھندو تہ ان جي ڪارڪردگيءَ ۾ بھتريءَ لاءِ ضروري آھن.

آگاھ ڪيو ويندو، تہ تڪڙ (Urgency) جي صورت ۾، چيئرمين ڇھ مھينن کان وڌيڪ عرصي لاءِ نہ، مقرر ڪري سگھي ٿو، جيڪو اھو سمجھي تہ ضروري آھي.

وڌيڪ آگاھ ڪيو وڃي تہ اھڙي ھر ھڪ مقرري بابت بورڊ کي ان جي ايندڙ گڏجاڻي ۾ منظوري لاءِ رپورٽ پيش ڪئي ويندي، ۽ جيڪڏھن بورڊ اھڙي مقرري کي نامنظور ڪري ٿو، يا جاڻايل مقرري جي ڇھ مھينن دوران، ساڻگي جي منظوري ۾ ناڪام ٿئي ٿو، مقرري ختم ڪئي ويندي.

عملدارن ۽ ملازمن جون ڏيواريون (Duties of Officers and Servants)

14. آرڊيننس جي بين شقن (Provisions) موجب، چيئرمين ۽ جا ڪم (Functions) ۽ ذميواريون (Duties) اھي ھونديون، جيڪي ضابطن (Regulations) ۾ جاڻايل ھجن، ۽ اھڙيءَ ريت بورڊ جي عملدارن ۽ ملازمن جون بہ ھونديون جيڪي جاڻايل ھجن يا جھڙيءَ ريت چيئرمين طرفان انھن کي ڏنيون (Assigned) وڃن.

پرووِيڈنٽ فنڈ يا پينشن (Provident Fund or Pension)

15. (1) بورڊ پنھنجي ملازمن جي فائدي لاءِ اھڙو پينشن يا پرووِيڈنٽ فنڈ يا ٻئي جيڪي اھو مناسب سمجھي، اھڙيءَ صورت ۾ ۽ صورتحال موجب جيڪي ضابطن ۾ جاڻيل ھجي قائم ڪري سگھي ٿو.

(2) حڪومت، نوٽيفڪيشن ذريعي، اعلان ڪري سگھي ٿي تہ پرووِيڈنٽ فنڈ ايڪٽ، 1925، (1925 جي ايڪٽ XIV) جون شقون، ذيلي دفع (Sub-Section) (1) تحت قائم ڪيل (Established) پرووِيڈنٽ فنڈ تي لاڳو ھونديون، ۽ اھڙو اعلان ٿيڻ جي صورت ۾، اھو ايڪٹ فوري طور نافذ ٿي ويندو، جڏ بورڈ حڪومت ھئي ۽ جاڻايل فنڈ حڪومتي پرووِيڈنٽ فنڈ ھيو.

ڏيئن ڏانھن اختيارن جي منتقلي، وغيره. (Delegation of powers to Chairman, etc.)

16. بورڊ، جنرل اسپيشل آرڊر ذريعي، چيئرمين کي، ھن آرڊيننس تحت پنھنجي اختيارن (Powers)، ڏيوارين (Duties) ۽ عملن (Functions) منجھان بورڊ جو ڪو رڪن (Member) يا ڪو عملدار (Officer) يا ڪو ملازم (Servant) فراھم ڪري سگھي ٿو، قاعدن ۽ ضابطن موجب، جيئن اھو بھتر سمجھي.

بورڊ ۽ ان جي ملازمن جو تحفظ (Immunity of board and its employees)

17. بورڊ جو چيئرمين، ارڪان (Members)، عملدار (Officers) ۽ ملازم (Servants) ھن آرڊيننس جي شقن موجب ڏميواريون نيائيندي، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفع (Section) 21 (1860 جي ايڪٹ XLV) تحت عوام جا ملازم (Public Servants) ھوندا.

بورڊ مقامي اختياري ھوندو (Board to be local Authority)

18. بورڊ لوڪل اٿارٽيز لينڊز ايڪٽ، 1914 (1914 جي ايڪٽ IX) تحت مقامي اختياري ھوندو، جاڻايل ايڪٽ تحت رقم اڌاري (Borrowing money) ونڊڻ جي مقصد لاءِ ۽ ھن آرڊيننس تحت ڪا اسڪيم جوڙڻ يا ھلائڻ جو مجاز ھوندو ۽ اھڙو ڪم ڪرڻ جو ڪيس قانوني اختيار حاصل ھوندو.

بجيٽ جا ڪاڳاڻا (Budget Estimates)

19. (1) سال جون مھيني دوران، چيئرمين بورڊ جي ڪاٿن ۽ خرچن جي رسيدن جو بيان (Statement) بورڊ جي ايندڙ مالي سال جي منظوري لاءِ جمع (Submit) ڪرائيندو.

(2) بورڊ طرفان منظور ڪيل بيان (Statement) جي ھڪ نقل (Copy)، چيئرمين طرفان حڪومت کي بورڊ طرفان منظوري جي 15 ڏينھن اندر جمع ڪرائڻي پوندي.

کاتن جي چنڊ چاڻ (Maintenance of accounts)

20 بورڊ اڪائونٽس جا مڪمل ۽ درست (Accurate) ڪتاب (Books) اهڙيءَ ريت جوڙيندو (Maintain) جيئن ضابطن (Regulations) ۾ ڄاڻايل (Prescribed) هجي.

سالياني رپورٽس ۽ ريٽرنس جمع ڪرائڻ (Submission of yearly reports and returns)

21. (1) بورڊ ضابطو رکندر اختياري (Controlling Authority) کي هر مالي سال ڪانپوءِ پر 30 سيپٽمبر ڪانپوءِ نہ جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجي ان سال جي معاملن بابت رپورٽ پيش ڪندو.

(2) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) هيٺيون شيون طلب ڪري سگهي ٿي:

(i) ڪو ريٽرن (Return)، بيان (Statement)، ڪاڦو (Estimate)، انگ اکر (Statistics) ۽ بورڊ ۽ ضابطي هيٺ معاملن بابت وڌيڪ معلومات.

(ii) اهڙي ڪنهن معاملي بابت خبر چار (Report)

(iii) بورڊ ۾ تبديلي بابت دستاويز (Document) جو نقل (Copy)، ۽ چيئرمين اهڙي هر درخواست (Requisition) تي عمل comply ڪندو.

جاچ پڙتال (Audit)

22. (1) اهڙي ايجنسي طرفان بورڊ جي اڪائونٽس جي سال ۾ هڪ ڀيرو جاچ پڙتال (Audit) ٿيندي ۽ تي سان ٿيندي جيئن حڪومت طرفان بڌايو ويو (Specified) ي.

(2) جاچ پڙتال (Audit) رپورٽ جي نقل، بورڊ جي راءِ (Comments) سان گڏ، حڪومت ۽ ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) کي پڻ موڪلي ويندي.

(3) بورڊ حڪومت يا ضابطو رکندڙ اختياري طرفان ڏنل هدايتن موجب آڊٽ رپورٽ ۾ موجود غلطين، جيڪڏهن هجن، انهن جي درستگي ڪري سگهي ٿو.

بدو Validation

23 ت طرفان ڪو قدم يا ڪارروائي صرف بورڊ يا مشاورتي جماعت يا جماعت ۾ ڪنهن آسامي جي موجودگي جي صورت ۾ يا بورڊ يا مشاورتي جماعت يا جماعت جي ڪنهن رڪن (Member) جي بورڊ ۾ غير قانوني مقرري جي سبب ڪري رد (Invalidated) نٿي ڪري سگهجي.

قدمن ۽ حڪمن جو تحفظ (Protection of Acts and Orders)

24. نقصانن (Damages) يا قانوني ڪارروائين (Legal Proceedings) لاءِ حڪومت، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)، بورڊ، مشاورتي جماعت(Advisory Council)، جماعت (Committee) ۽ يا جماعت جي ڪنهن رڪن (Member)، يا بورڊ جي ڪنهن عملدار يا ملازم خلاف آرڊيننس جي ۽ قاعدن ۽ ضابطن جي احترام ۾ ڪيل يا ٿي ويل ۽ سڀ نيت سان ڪيل يا ٿيل ويل ڪم جي صورت ۾ ڪو به ڪيس (Suit) نہ ڪيو ويندو.

قاعدا (Rules)

25. (1) حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) مليل اختيارن سان تعصب ڪرڻ ڪانسواءِ، هيٺين معاملن تي ههڙا قاعدا نافذ ٿيندا:

(الف) عملدارن ۽ ملازمن جي سروسز جا قاعدا ۽ ضابطا، تاديبي ڪارروائي (Disciplinary Action) وڪل جي اجازت (Grant of leave) ۽ بورڊ جي ملازم جي سبڪدوشي (Retirement) سميت.

(ب) بورڊ جي عملدارن ۽ ملازمن جي فائدي لاءِ پينشن يا پروويڊنٽ فنڈ يا ٻنهي جو قيام (Constitution).

(ج) مشاورتي جماعت (Advisory Council) طرفان واپار جي ڏي وٺ (Transaction)، طريقي (Manner) ۽ اختياري (Authority) جنهن طرفان گڏجاڻي جي ڪارروائي (Minutes of the Meeting) رکارڊ ڪئي ويجي، ۽

(د) اهڙا ٻيا معاملا جيڪي گهربل هجن اهي قاعدن ۾ واضح ڪيا (Prescribed) ويجن.

ضابطا جوڙڻ لاءِ بورڊ جا اختيار (Powers of the Board to make Regulations)

26. (1) بورڊ، هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ ۾، هن آرڊيننس ۽ قاعدن سان ٻڌل (Consistent) هوندو.

(2) مٿي مليل اختيارن سان تعصب ڪانسواءِ، اهڙان ضابطا سمورن يا هيٺين معاملن مان ڪجهه تي لاڳو (Provide) هوندا:

(i) بورڊ جي گڏجاڻين ۾ واپار جي ڏي وٺ (Transaction of business)

(ii) طريقو جنهن موجب دفع (Section) 10 تحت اسڪيمون (Schemes) جوڙيون (Framed) ۽ هلايون (Executed) ويندیون، ۽

(iii) ڪو ٻيو معاملو جيڪو طابطن ۾ جاڻائڻ ضروري آهي.

منسوخي (Repeal)

27. (1) اولهه پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آرڊيننس، 1962 (1962 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XLI) منسوخ ڪيو ويجي ٿو.

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.